REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) جمع 19 اپريل 2024ع بمطابق 10 شوال المکرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 323

بجلي جي پهچ نظام جي بهتري لاءِ پلان جوڙڻ جي هدايت، سعودي سيڙپڪاري ۾ لاپرواهي قبول نه ڪندس: شهباز شريف

سعودي وفد جو پرڏيهي وزير جي قيادت ۾ پاڪستان جو دورو، پاڪستان ۾ سعودي سيڙپڪاري ۽ تجارتي توڙي اسٽريٽجڪ پائيداري جي نئين دور جي شروعات آهي

سعودي ولي عهد شهزادو محمد بن سلمان جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جو سندس خاص ڌيان سبب پاڪستان سعودي سيڙپڪاري ۽ تجارتي لاڳاپن جي نئين دور جي شروعات ممڪن بڻي

بجلي شعبي جي سڌارن سان گردشي قرض ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي. بجلي چورن ۽ ٻين عنصرن کي ملڪي خزاني کي قطعي طور تي وڏيڪ نقصان پهچائڻ نه ڏينداسين

بجلي جي پهچ نظام ۽ ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي بهتري لاءِ ترجيحي بنيادن تي پلان جوڙي ايندڙ هفتي پيش ڪيو وڃي، ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري ۽ آئوٽ سورسنگ جي عمل کي تيز ڪيو وڃي

ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي انتظامي معاملن جي بهتري لاءِ نجي شعبي جي ماهرن جي مدد ورتي وڃي، بجلي جي پهچ ۽ ورڇ جي نظام جي لاءِ عالمي سطح تي لاڳو ماڊلز مان مدد ورتي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف بجلي جي پهچ نظام ۽ ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي بهتري لاءِ ترجيحي بنيادن تي پلان جوڙي ايندڙ هفتي پيش ڪرڻ ۽ ان جي انتظامي معاملن ۾ بهتري جي لاءِ نجي شعبي جي ماهرن جي مدد وٺڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته بجلي شعبي جي سڌارن سان گردشي قرض ۾ گهٽتائي آڻينداسين. بجلي چورن ۽ ٻين عنصرن کي ملڪي خزاني کي قطعي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف بجلي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

ايڪس تي پابندي ختم ڪئي وڃي: نواز ليگ اڳواڻ خواجا سعد رفيق جو مطالبو

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزير خواجا سعد رفيق سوشل ميڊيا ايپ ايڪس تان پابندي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. پنهنجي بيان ۾ سعد رفيق چيو ته ايڪس تي پابندي ختم ڪئي وڃي. نگران دور ۾ ايڪس تي پابندي مڙهي وئي پابندي جو ڪو به فائدو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ملڪي مسئلن جي حل لاءِ بامعني ڳالهين ۽ پارلياماني اتفاق راءِ گهربل آهي: صدر آصف علي زرداري

بطور صدر مون پارليامينٽ کي پنهنجا اختيار ڏيڻ جي چونڊ ڪئي، اڄ اسان جي ملڪ کي دانشمندي ۽ پختگي جي ضرورت آهي، اميد آهي ته پارليامينٽ ميمبر اختيارن جو دانشمندي سان استعمال ڪندا

پنهنجي ماڻهن تي سيڙپڪاري ڪرڻ، عوامي ضرورتن تي ڌيان ڏيڻو پوندو، اسان کي پنهنجي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي جامع ترقي جي راهه کولڻي پوندي، اسان وٽ ضايع ڪرڻ جي لاءِ وقت نه آهي

سوچڻو پوندو ته مقصدن، بيانيي ۽ ايجنڊا ۾ ڪهڙي شيءِ کي ترجيح ڏئي رهيا آهيون، سمجهان ٿو ته سياسي ماحول کي نئين سر جوڙي سگهجي ٿو، حقيقي طور ڪوشش ڪريون ته سياسي گرمي پد ۾ گهٽتائي آڻي سگهون ٿا

قائدين جي ويزن کي اختيار ڪري ملڪ کي درپيش چئلينجز کي منهن ڏئي سگهجي ٿو، قائدين جي ويزن موجب گڏيل احترام، سياسي مفاهمت جي فضا کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو

ملڪ کي درپيش چئلينجز تي ضابطو آڻڻ ناممڪن نه آهي، ملڪي مسئلن جي حل لاءِ بامعني ڳالهين، پارلياماني اتفاق راءِ گهربل آهي، بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سخت سڌارن تي وقت سر عملدرآمد يقيني بڻائڻو پوندو

حڪومت ڪاروباري ماحول سازگار بڻائڻ جي لاءِ جامع سڌارن جي عمل کي تيز ڪري، مقامي، غيرملڪي سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ مشڪل قانون آسان بڻائڻا پوندا، خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل جو قيام خوش آئنده آهي

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته حڪومت کي نوڪريون پيدا ڪرڻ، مهانگائي گهٽ ڪرڻ، ٽيڪس نيٽ وسيع ڪرڻ جي لاءِ معاشي سڌارا آڻڻا پوندا. ملڪي مسئلن جي حل لاءِ بامعني ڳالهين ۽ پارلياماني اتفاق راءِ گهربل آهي. اسان سڀني کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ملڪ جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم شيءِ ڪهڙي آهي. مشڪلاتن کي موقعن ۾ بدلائڻ اسان سڀني جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي

آپريشن رجيم ۾ سعودي عرب جو ڪو به ڪردار نه هو: عمران خان

6 جماعتي اجلاس 29 اپريل تي ٿيندو، جلسن جي شروعات پنجاب کان ڪنداسين: حامد رضا

اسان ڪٿي چڪا آهيون ۽ دشمن هارائي چڪو آهي، هي آخري مرحلو آهي: حسن رئوف

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن پي ٽي آءِ باني جي حوالي سان چيو آهي ته عمران خان بيان ڏنو آهي ته آپريشن رجيم ۾ سعودي عرب جو ڪو ڪردار ناهي. اها ڳالهه پي ٽي آءِ اڳواڻن عمران خان سان اڊيالا جيل ۾ ملاقات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

فيض حميد خلاف الزامن جي جاچ لاءِ پاڪ فوج جي اعليٰ سطحي ڪميٽي قائم

ميجر جنرل جاچ ڪميٽيءَ جي سربراهه ڪندو ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر ڪميٽي ۾ شامل هوندا

پاڪ فوج اهو فيصلو خود احتسابي جي عمل تحت شروع ڪيو آهي

پاڪ فوج، اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد خلاف سنگين الزامن جي جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي ڇڏي. ذريعن موجب ميجر جنرل جاچ ڪميٽيءَ جي سربراهه ڪندو ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر ڪميٽي ۾ شامل هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پارٽي ٽارگيٽ ڪلنگ تي ڪو بيان نه اچڻ جو مطلب اهو ناهي ته اسان سُتا پيا آهيون: اسحاق ڊار

28 ۽ 29 اپريل تي سعودي عرب ۾ ورلڊ اڪنامڪ فورم جو خاص اجلاس ٿي رهيو آهي، وزيراعظم ۽ مان شرڪت ڪنداسين

وزيراعظم شهباز شريف او آءِ سي اجلاس ۾ فلسطين ۽ ڪشمير جو معاملو اٿاريندو، اسان غزا ۾ جنگبندي چاهيون ٿا

سعودي عرب جي وفد جو پاڪستان دورو سٺو سنئوڻ آهي پر ڪجهه سياسي جماعتون ان دوري تي سياست ڪري رهيون آهن

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار چيو آهي ته پارٽي ٽارگيٽ ڪلنگ تي ڪو بيان نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف علي زرداري جي آجيان ڪندي

بشريٰ بي بي جي بني گالا سب جيل کان اڊيالا جيل منتقلي واري درخواست بحال

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي جي بني گالا سب جيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

9 مئي سانحي جا ذميوار اڄ ملڪي مفاد تي حملا ڪري رهيا آهن: عطاءُالله تارڙ

پنهنجي سياسي مفاد ۽ انا کي ملڪي مفاد تي ترجيح ڏيڻ مذمت جوڳو ۽ افسوسناڪ عمل آهي

تحريڪ انصاف پهريان ملڪي مفاد جي خلاف بيان ڏنو ان کان لاتعلقي جو اظهار ڪيو اهو پي ٽي آءِ جو پراڻو طريقو آهي

هنن جو اڳواڻ ڪرپشن جا ڪيس ڀوڳي رهيو آهي، ملڪ ۾ سرمائيڪاري پاڪستان جي دشمنن کي هضم نه پئي ٿئي

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته 9 مئي واقعن جا ذميوار اڄ ملڪي مفاد تي حملو ڪري رهيا آهن. اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي اطلاعات واري وزير عطاءُالله تارڙ چيو ته ملڪ جي مفاد خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پيپلز بس سروس جون 6 بسون ميرپور خاص پهچي ويون

ميرپورخاص ۾ سياڻي کان پيپلز بس سروس پڻ شروع ڪئي پئي وڃي

ميرپورخاص ۾ پيپلز بس 14 ميٽر ڊگهي ۽ 30 سيٽن تي مشتمل آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران ميرپورخاص جي شهرين سان ڪيل واعدو پورو ڪري ورتو، پيپلز بس سروس جون 6 بسون پهچايون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اڊيالا جيل ۾ عدالتي ڪمري جو نقشو تبديل، صحافين تي عمران خان کان سوال پڇڻ تي پابندي

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف هڪ سئو نوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وفاقي گهرو وزير پاران مدي خارج سيڪاٽپ ڪارڊن تي جاري سمون بند ڪرڻ جو حڪم

محسن نقوي نادرا هيڊ ڪوارٽر پهتو، پنجاب جي ماڊل ٽائون جي طرز تي ماڊل نادرا آفيسون ٺاهڻ جي هدايت

پنجاب ۾ ماڊل ٽائون جي قيام سان عوام کي سهولت سان گڏ پوليس جي ساک ۾ بهتري آئي آهي: محسن نقوي

پيدائش، موت، شادي ۽ خلع جي سرٽيفڪيٽن لاءِ يونين ڪائونسل آفيسز سان ڳنڍي سولو نظام متعارف ڪرايو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي مدي خارج سيڪاٽپ ڪارڊن تي جاري ڪيل موبائيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

ماڙي پيٽروليم ڪمپني پاران سنڌ ۾ گيس جو هڪ ٻيو وڏو ذخيرو هٿ

ڪراچي (رپورٽر) ماڙي پيٽروليم ڪمپني سنڌ ۾ گيس جو هڪ ٻيو وڏو ذخيرو هٿ ڪري ورتو، ڪمپني طرفان ماڙي غازيج بلاڪ ۾ 1483

نواز شريف چوندو آهي ته پاڙيسري سان ويڙهه نه ڪرڻ گهرجي: مريم نواز

مون هدايت ڪئي آهي ته اوهان کي ڪا تڪليف نه پهچڻ گهرجي، منهنجو ڏاڏو جاتي امرا مان سان واسطو رکندڙ هو، پوءِ پاڪستان آيو

جڏهن مان وزيراعليٰ بڻيس ته پارت جي پنجاب مان به مبارڪون مليون، بيساکي جو ڏڻ سرڪاري طور تي ملهائي رهيا آهيون

اهڙن مقدس ماڳن تي سٺا هوٽل ٺهرايون ۽ سهولتون فراهم ڪريون، سڀني سکن لاءِ پاڪستان جا در کليل آهن

لاهور (م ڊ) وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز چيو آهي ته نواز شريف چوندو آهي ته پاڙيسري سان ويڙهه نه ڪرڻ گهرجي. ڪرتارپور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته پارت سميت سڄي دنيا مان آيل سڀني پائرن ڀينرن کي پليڪار چوان ٿي،/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سپريم ڪورٽ ۽ هائيڪورٽن ۾ ججن جي خالي سيٽن تي ڀرتيون ڪرڻ ترجيح آهي: چيف جسٽس

خواهش آهي ته سپريم ڪورٽ مڪمل ٿي وڃي، ججن جي مقررين کان پهريان هائيڪورٽس رولز ۾ ترميم ضروري آهي

هائيڪورٽس جي چيف جسٽس کي اپيل آهي ته آهستي آهستي هائيڪورٽس ۾ ججن جا انگ مڪمل ڪن

ٽيڪنالاجي سپريم ڪورٽ جي رجسٽرين جو معاملو محدود ڪري ڇڏيو آهي، ڪا به بينچ هڪ هفتي کان گهٽ جي نه هئڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي جاچ لاءِ نئين ڪميٽي قائم، 15 ڏينهن اندر جوابدار گرفتار ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل جي جاچ ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ نئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: وفاقي وزير امير مقام سان گڏيل قومن جو وفد ملاقات ڪندي

پرويز خٽڪ پ پ ۾ شموليت لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون

ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پرويز خٽڪ جي پ پ قيادت سان ڳنڍجاڻي جو امڪان

پيپلز پارٽي جا ڪجهه صوبائي اڳواڻ پرويز خٽڪ جي شموليت جي حق ۾ نه آهن

پشاور (م ڊ) اڳوڻي دفاع واري وزير ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ پرويز خٽڪ پيپلز پارٽي ۾ شموليت جي لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن. ذريعن موجب پرويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

خيبرپختونخواهه حڪومت امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي: بلاول ڀٽو زرداري

چونڊ مهم دوران پيپلز پارٽي جي اميدوار کي نشانو بڻائڻ انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي

جبر، تشدد ۽ دهشتگردي سان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن کي جهڪائي نٿو سگهجي

پشاور (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته خيبرپختونخواهه حڪومت امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

صدر غير قانوني آهي: پي ٽي آءِ جو زرداري خلاف روڊن تي نڪرڻ جو اعلان

صدر ته ڪنهن سياسي سرگرمي ۾ حصو ناهي وٺندو، صدر کي سموري ملڪ جي نمائندگي ڪرڻي هوندي آهي

صدر زرداري هاڻي تائين پارٽي جو چيئرمين آهي، ڇا ڪڏهن عارف علوي سياسي سرگرمين ۾ ويو؟

هاڻوڪو صدر هڪ سياسي جماعت جي سربراهي جو ڪم ڪري رهيو آهي، ان خلاف احتجاج ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته آصف زرداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

ڪراچي سميت سموري سنڌ ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪري مختلف ضلعن مان 26 منشيات وڪرو ڪندڙ گرفتار 18

افغانستان ۾ برساتن دوران 70 ڄڻا فوت، 2600 کان وڌيڪ گهرن کي نقصان

گهٽيون فوتگيون ڇتون ڪرڻ سبب ٿيون آهن، 86 شهري زخمي ٿي چڪا آهن: انتظاميا

2600 کان وڌيڪ گهرن کي نقصان يا تباهه ٿيا ۽ 95 هزار ايڪڙ زمين ٻوڏ جي پاڻي هيٺ آهي

ڪابل (م ڊ) افغانستان ۾ طوفاني برساتن جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ وڌي 70 ٿي ويو آهي. پرڏيهي خبرون ڏيندڙ ايجنسي اي ايف پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

خيبرپختونخواهه جي صحت واري وزارت ڊينگي پکڙجڻ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

صوبائي صحت کاتي ڊينگي کي روڪڻ جي لاءِ ايڪشن پلان تيار ڪري منظوري لاءِ چيف سيڪريٽري ڏانهن اماڻي ڇڏيو

ڊينگي کي روڪڻ جي لاءِ خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ ڊينگي مريضن لاءِ سرڪاري اسپتالن ۾ 1 هزار 240 بسترا مقرر ڪيا وڃن: پلان

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي صحت کاتي تازين برساتن ۽ ٻوڏ کان پوءِ صوبي ۾ ڊينگي پکڙجڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد: واٽر ڪميشن جي سفارشن تي عملدرآمد بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ ۾ ٻڌڻي

واٽر ڪميشن جي سفارشن تي عمل ڪري رهيا آهيون، ڪجهه ميڊيم ٽرم، ڪجهه لانگ ٽرم ۽ ڪجهه شارٽ ٽرم آهن: آصف حيدر شاهه

60 سيڪڙو تائين سفارشن تي عمل ٿي ويو آهي فنڊن جي کوٽ سبب ڪجهه دير ٿي رهي آهي

حيدرآباد (م ڊ) واٽر ڪميشن جي سفارشن تي عملدرآمد بابت ڪيس جي ٻڌڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: وفاقي وزير خالد مقبول صديقي سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

پي ٽي آءِ وارن سان ملڪ دشمن جهڙو ورتاءُ ٿيڻ گهرجي: خواجا آصف

پاڪستان تحريڪ انصاف وارا پروپيگنڊا ڪري ٻين ملڪن سان لاڳاپن کي خراب ڪرڻ چاهين ٿا

اسان لاءِ ڪجهه ملڪن سان لاڳاپن جي مذهبي ۽ معاشي لحاظ کان وڏي اهميت آهي

ڪِريل سياسي مقصدن ۽ ڏقيڙ پڪيڙڻ لاءِ اهڙا بيان ڏنا ويندا آهن ته جيئن ڪو به سيڙپڪاري لاءِ نه اچي

اسلام آباد (م ڊ) بچاءُ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف وارا پروپيگنڊا ڪري ٻين ملڪن سان لاڳاپن کي خراب ڪرڻ چاهين ٿا. نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته اسان لاءِ ڪجهه ملڪن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستان ۾ ايڪس تي پابندي، سوشل ميڊيا ڪمپني جو رد عمل اچي ويو

پاڪستاني حڪومت جي خدشن کي سمجهڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون: ايڪس

مختصر بيان ايڪس گلوبل گورنمينٽ افيئرز طرفان جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ فيبروري کان پابندي جي شڪار سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس گذريل ڏينهن گهرو وزارت طرفان اسلام آباد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آمريڪا دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جي حمايت ڪري ٿو: ميٿيو ملر

پاڪستان دهشتگردن هٿان نقصان ڀوڳيو آهي ۽ اسان دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جي حمايت ڪريون ٿا

طالبان يقيني بڻائين ته افغان سرزمين دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿئي، عالمي قانوني حيثيت لاءِ طالبان کي پنهنجا واعدا پورا ڪرڻا پوندا

افغانستان انهن دهشتگردن لاءِ محفوظ پناهه گاهه نه بڻجي، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪستاني اڳواڻن سان رابطي ۾ آهيون

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چوڻ آهي ته پاڪستان دهشتگردن هٿان نقصان ڀوڳيو آهي ۽ اسان دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جي حمايت ڪريون ٿا. ميڊيا بريفنگ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فيض آباد ڌرڻو: احسن اقبال جو ٽي ايل پي سان معاهدي بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف

تحريڪ لبيڪ پاڪستان سان معاهدو پهريان ڪيو ويو ۽ وزيراعظم کي پوءِ ڏيکاريو ويو: احسن اقبال

وزيراعظم شاهد خاقان عباسيءَ جڏهن معاهدو ڏٺو ته وزير جي استعيفيٰ ۽ فيض حميد جي نالي تي اعتراض ڪيو

وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته معاهدو ٿي ويو چڪو آهي ۽ صحيحون ٿي ويون آهن، پوئتي نٿا هٽي سگهون

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير ۽ ن ليگ اڳواڻ احسن اقبال طرفان فيض آباد ڌرڻو ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شڪرڳڙهه: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

ڪنڌڪوٽ فاسٽ مائڪرو فنانس بينڪ جا پنج ملازم ڌاڙيلن هٿان مبينا اغوا

غوثپور (رپورٽر) غوثپور ڪنڌڪوٽ فاسٽ مائڪرو فنانس بينڪ جا پنج ملازم الطاف احمد گولو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڊيرا اسماعيل خان ويجهو فائرنگ ۾ ڪسٽم جا 4 اهلڪار مارجي ويا

ڊيرا اسماعيل خان (م ڊ) ڊيرا اسماعيل خان ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪسٽم جا چار اهلڪار مارجي ويا. پوليس موجب فائرنگ جو واقعو ڊي آءِ خان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حيدرآباد: فحش مواد شيئر ڪرڻ جي الزام ۾ هڪ ڄڻو گرفتار

نادر پير بخش نالي شخص فحش وڊيوز شيئر ڪري رهيو آهي: عورت جي شڪايت

جوابدار خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي: ايس ايڇ او

حيدرآباد (م ڊ) حيدرآباد ۾ ايف آءِ اي سائبر ڪرائم پاران فحش مواد شيئر ڪرڻ جي الزام ۾ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. عورت شڪايت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ناڻي واري وزير جي ڊونلڊ لُو سميت آمريڪي اختيارين سان ملاقات، معاشي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات ورلڊ بينڪ هيڊ ڪوارٽر ۾ ٿي جتي پرڏيهي وزير آمريڪي عهديدارن کي پاڪستان جي سڌارن بابت ايجنڊا تي بريفنگ ڏني

ٽيڪس جي بنياد کي وسيع، توانائي جي شعبي کي هموار ڪرڻ ۽ نجڪاري ترجيح آهن: محمد اورنگزيب

پاڪستان يُو ايس انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن سان ڳنڍجي ڪم ڪندو، ايگزم بينڪ سان به ڪم ڪندو

واشنگٽن (م ڊ) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي آمريڪا جي ڏکڻ ۽ وچ ايشيائي معاملن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بلومبرگ: وفاقي وزير محمد اورنگزيب گول ميز ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

ڪراچي يونيورسٽي ايراني صدر کي پي ايڇ ڊي جي اعزازي ڊگري ڏيندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي پاران ايراني صدر ابراهيم رئيسي کي پي ايڇ ڊي جي اعزازي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

حڪومت جو يوٽيليٽي اسٽورن تي رمضان پئڪيج جاري رکڻ جو فيصلو

بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ رجسٽرڊ ماڻهن کي ڪڻڪ، اٽي، گيهه، دالن سميت چانورن تي سبسڊي ملندي

يوٽيليٽي اسٽورن تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ مستحق ماڻهن لاءِ ڪڻڪ 109 رپيا في ڪلو دستياب هوندي

هر مهيني 3 ارب رپين جي سبسڊي ڏني ويندي، ايندڙ سال لاءِ پئڪيج جاري رکڻ جو فيصلو وفاقي حڪومت ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت يوٽيليٽي اسٽورن تي رمضان پئڪيج جاري رکڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ذريعن موجب، وزيراعظم رليف پئڪيج ذريعي 5 بنيادي شين تي سبسڊي برقرار رکي ويندي، جنهن ۾ بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ رجسٽرڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار رومينا خورشيد عالم سان ڊينش سفير ملاقات ڪندي

ڇهن ججن جي خط جي جاچ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ آئيني درخواست داخل

عدالت هاءِ ڪورٽ جي ججن جي روشني ۾ شفاف جاچ ڪرائي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بار جي درخواست

شفاف جاچ ڪانپوءِ عدليا کي هيڻانهون ڏيکاريندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، عدالت ڪائونسل کي جائزي لاءِ سفارشون موڪلي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڇهن ججن خط ۾ سنگين نوعيت جا واقعا بيان ڪيا آهن: درخواست ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بار، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي خط تي جاچ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ آئيني درخواست داخل ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته عدالت هاءِ ڪورٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

قومپرست اڳواڻ جي پٽ کي 5 مهينا بلاجواز مسنگ ڪرڻ تي اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

ايس ايڇ او منگهو پير رائو ناظر ايس آءِ او طارق خالد ۽ ٻين ويهن کان مٿي اهلڪارن توڙي پرائيويٽ پرسن گهران کڻي گم ڪري ڇڏيو هو

آزادي جي مطالبي ۽ وڪيل برادري پاران سخت احتجاج تي ايڊووڪيٽ امتياز بروهي کي ظاهر ڪيو ويو

هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود ايس ايڇ او عقيل پنهنجي پيٽي ڀائرن خلاف ايف آءِ آر نه ڪٽي ۽ ٿاڻي تان فرار ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) قومپرست اڳواڻ ممتاز بروهي جي پٽ آفتاب بروهي کي 5 مهينا بلاجواز مسنگ ڪرڻ تي هاءِ ڪورٽ جو ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم. وڪيل ٽيم پهچڻ بعد ايس ايڇ او سائيٽ سپرهائي وي ٿاڻي تان کسڪي ويو. ڪنهن به جوابدار تي ڪيس داخل ٿي نه سگهيو، تفصيل موجب ڪراچي اندر سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل

وومين ڪرڪيٽ سيريز جي سلسلي ۾ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن : ترجمان

اسٽيڊيم جي آسپاس پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون شڪايتن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي

ڪنهن به شڪايت يا هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن جو عملو اسٽيڊيم ۾ موجود رهندو

ڪراچي(رپورٽر)سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجينئر سيد صلاح الدين احمد جي هدايتن تي واٽر ڪارپوريشن اختيارين نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب پاڪستان ويسٽ انڊيز وومين ڪرڪيٽ سيريز جي سلسلي ۾ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي: نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ٻاهران واٽر ڪارپوريشن پاران بيهاريل پاڻي جي ٽينڪرن جو ڏيک

ڊي سي سکر پاران سرسو ڪمپليڪس جو دورو، سنڌ ۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ لاءِ اهڙن قدمن جي اهميت جي واکاڻ

سکر(رپورٽر:امداد علي گل ڪلوڙ) ڊي سي سکر پاران سرسو ڪمپليڪس جو دورو.خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر سکر راجا ايم بي ڌاريجو، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)جي مرڪزي ڪمپليڪس جو دورو ڪيو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر (اي سي) سکر سميت ٻيا آفيسر به ساڻس گڏ هئا. سرسو جو چيف ايگزيڪيوٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر سول اسپتال ۾ مريضن کي ناقص کاڌو فراهم ڪرڻ جو انڪشاف

علاج هيٺ مريضن کي سٺي ۽ معياري کاڌو فراهم ڪرڻ بدران بيڪار ۽ صحت جي اصولن خلاف ناقص کاڌو ڏنو وڃي ٿو :اڳواڻ

ٺيڪي ۾ سول اسپتال جي عملدارن جي ڪميشن مقرر آهي، ڪروڙ جو کاڌي جو ٺيڪو من پسند ٺيڪيدار کي ڏنو ويو آهي

سول اسپتال ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ غفلت ڪندڙن خلاف کاتي جي ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي مک سرڪاري اسپتال سول اسپتال ۾ مريضن کي ناقص کاڌو فراهم ڪرڻ جو انڪشاف، مريضن جي ڪچن بوائز کي کاڌو واپس ڪيو ويو. سول ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جو اظهار. اعليٰ اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: سول اسپتال ۾ مريضن کي ملندڙ غيرمعياري کاڌي جو ڏيک

بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ احمد خاصخيلي ۾ گهرن تي چڙهائي خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ احمد خاصخيلي ۾ گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن مردن معصوم ٻارن کي مارڪٽ ڪرڻ جي خلاف ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو ڳوٺاڻن جو احتجاج . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ احمد خاصخيلي جي رهواسي ڳوٺاڻن پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان ۾ 3 اوباش نوجوانن پاران نينگر سان مبينه طور بدفعلي

3 اوباش نوجوانن 16 سالا نينگر ابراهيم ڀٽي سان مبينه طور تشدد جو نشانو بڻائي اجتماعي بدفعلي ڪئي

پوليس واقعي جي ڪا به ايف آءِ آر داخل نه ڪئي صرف ميڊيڪل لاءِ ليٽر جاري ڪيو

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ 3 اوباش نوجوانن 16 سالا نينگر ابراهيم ڀٽي سان مبينه طور بدفعلي . ايف آءِ آر داخل ٿي نه سگهي . خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي سٽي ٿاڻي جي حد ۾ 3 اوباش نوجوانن 16 سالا نينگر ابراهيم ولد غلام محمد ڀٽي سان مبينه طور تشدد جو نشانو بڻائي اجتماعي بدفعلي ڪئي . جنهن بابت نينگر جي وارثن پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ايس ايس پي شڪارپور کاتي ۾ لڪيل 78 ڪاري رڍن جي رپورٽ آءِ جي پوليس سنڌ کي موڪلي ڇڏي

پوليس اهلڪارن ۽ ڌوهارين سان ملي ڀڳت ڪرڻ خلاف اعليٰ اختيارين کي ڪيترين ئي شڪايتون مليون

ڌوهارين سان گڏ ڌوهن ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي : ايس ايس پي

محڪمو پوليس پنهنجي چهري تي بي عزتي ۽ بي داغ ڪڏهن به ۽ ڪنهن به صورت ۾ گوارا ناهي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون پوليس کاتي ۾ لڪيل 78 ڪاري رڍن جي رپورٽ آءِ جي پوليس سنڌ کي موڪلي ڇڏي. ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون جي طرفان پڌر ٿيل خبر. آڪڙا برجي. ڌوهارين سان ملوث. منشيات ۽ اپراڌ ۽ اغواءِ برائي تاوان جي ڌنڌي ۾ ملوث شڪارپور پوليس جي اندر لڪيل ڌوهارين کي ضلع بدر ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو ۾ صحت کاتي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج، او پي ڊي جو ٽوڪن بائيڪاٽ

رينبرڊ سروس ملازمن کي 12 مهينن کان پگهارون نه ملڻ ۽ اسپتال جو سولر سسٽم خراب هجڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

رينبرڊ سروس ملازمن کي پگهارون جاري نه ڪيون ويون آهن، جنهن سبب انهن جا ٻچا فاقا ڪاٽڻ تي مجبور آهن : مظاهرين

رينبرڊ سروس جي ملازمن کي پگهارون جاري ڪري سولر سسٽم سميت اسپتال جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

دادو(ن سنڌ يار) دادو ۾ صحت کاتي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج، اسپتال جي او پي ڊي جو ٽوڪن بائيڪاٽ. مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان. تفصيل موجب دادو ۾ صحت کاتي جي ملازمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو: صحت کاتي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر يوسي سيڪريٽري آفيس مان غائب، يوسي سيڪريٽري ۽ ڪلارڪ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : مظاهرين

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر يوسي سيڪريٽري آفيس مان غائب برٿ سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ ڀٽڪندڙ نوجوان جو احتجاج، رشوت ڏيڻ جي باوجود آفيس جا چڪر ڪاٽي پيا وڃن. متاثر جو احتجاج خبر موجب خانپورمهر لڳ يوسي قاضي بادل جي سيڪريٽري امان الله قاضي ۽ ڪلارڪ نثار احمد قاضي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڳڏاپ ۾ نادرن باءِ پاس تي ڦر دوران مزاحمت تي نوجوان قتل

علائقي واسين جو نادرن باءِ پاس تي ڌرڻو، ايم پي اي يوسف بلوچ ڌرڻي ۾ پهچي ويو

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سان رابطو، پوليس طرفان 3 ڏينهن ۾ قاتل گرفتار ڪرڻ جي خاطري

واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون واقعو ذاتي دشمني لڳي رهيو آهي، جلد نتيجا ملندا: پوليس اهلڪار

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) ڳڏاپ ۾ نادرن باءِ پاس تي ڦر دوران مزاحمت تي نوجوان قتل. گهر ۾ ڪهرام .علائقي واسين جو نادرن باءِ پاس تي ڌرڻو، ايم پي اي يوسف بلوچ ڌرڻي ۾ پهچي ويو. گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سان رابطو. پوليس طرفان 3 ڏينهن ۾ قاتل گرفتار ڪرڻ جي خاطري، وڏو ظلم ڪيو ويو آهي بيگناهه نوجوان ماريو ويو آهي انصاف ڪيو وڃي وارث تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پنگريو پوليس جي ناانصافين خلاف پيل برادري پاران احتجاجي مظاهرو

منظور علي پتافي، انب پيل، ڏاڙهون ميگهو، چتون پيل ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس منشيات جي اڏن تان منٿليون وٺي غريبن کي ڦاسائي ٿي : مظاهرين جون دانهون

انصاف نه ٿيو ته اسان ڊي آئي جي آفيس حيدرآباد آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) پنگريو پوليس جي ناانصافين خلاف پيل برادري جي مردن عورتن ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ريو ڌرڻي دوران نتيجي ۾ هڪ پيرسن گرمي سبب بيهوش ٿي ويو تفصيل موجب ته گذريل ڏينهن ملڪاڻي شريف ۾ پيل برادري جي سوين ماڻهن جن ۾ مردن سميت عورتن ۽ ٻارڙن جو وڏو انگ شامل هو پنگريو پوليس جي خلاف احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين: پيل برادري پاران پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

رتوديرو ۾ بجلي چوري ڪندڙ آئيس ڪريم فيڪٽري تي ڇاپو

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ بجلي چوري ڪندڙ آئيس ڪريم فيڪٽري تي ايف آءِ اي جو ڇاپو، نادرشاهه بازار ۾ ٺهيل آئيس ڪريم فيڪٽري تي ايف آءِ اي ۽ واپڊا ٽيم ڇاپو هنيو بغير ميٽر جي ڊائريڪٽ لائين تي آئيس ڪريم فيڪٽري مشنري ۽ سوين فرجون هلڻ جو انڪشاف، آئيس فيڪٽري مالڪ ۽ مزدور فرار. ايف آءِ اي ڊپٽي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي ۾ پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري

آئس ۽ هيروئن جو اهم ڊيلر، بدنام منشيات فروش، جوابدار پوليس هٿان گرفتار

جوابدار جي قبضي مان هڪ پستول پڻ هٿ ڪيو ويو آهي : پوليس

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي حڪمن بعد ضلعي ٺٽي ۾ پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري، ٺٽي پوليس جي وڏي ڪاميابي، آئس ۽ هيروئن جو اهم ڊيلر، بدنام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان ۾ تازي ڄاول ٻار جو لاوارث حالت ۾ لاش هٿ

نامعلوم عورت پنهنجي تازي ڄاول ٻار جي لاش کي لاوارث حالت ۾ ڦٽو ڪرائي ڇڏيو

لاشن کي روڊن رستن تي اڇلائڻ ۾ ملوث ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : شهري

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڦليلي واري پل تي تازي ڄاول ٻار جو لاوارث حالت ۾ لاش هٿ . خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي ڦليلي واري پل تي نامعلوم عورت پنهنجي تازي ڄاول ٻار جي لاش کي لاوارث/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عوام جي خدمت جو تسلسل جاري رکبو : طارق علي خان ٽالپر

اسان جا در سدائين عوام لاءِ کليل آهن عوام اسان کي سدائين عزت بخشي

اڳ جيان خدمت جاري رکبي پيپلزپارٽي جي قيادت وزارت ڏئي جيڪا ذميواري ڏني آهي

جهڏو (رپورٽر) عوام جي خدمت جو تسلسل جاري رکبو اسان جا در سدائين عوام لاءِ کليل آهن عوام اسان کي سدائين عزت بخشي سوڀارو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ملير سٽي ۾ گهر مان 3 ٻارڙن جي ماءُ جو تشدد ٿيل لاش مليو، جناح اسپتال منتقل

3 ٻارن جي 4 ورهين جي ماءُ اسم ڪاشف جو تشدد ٿيل هٿ پير ٻڌل لاش گهر مان لاش مليو

عورت 3 ٻارن جي ماءُ اسم کي گهر اندر قتل ڪري هٿ پير ٻڌي ڦٽو ڪيو ويو هو

ملير (ڊ ر) ملير سٽي ۾ گهر مان 3 ٻارڙن جي ماءُ جو تشدد ٿيل لاش مليو، جناح اسپتال منتقل. گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو تفصيل موجب ملير سٽي جي علائقي برهاني ڪالوني ۾ ڪالم 3 ٻارن جي 4 ورهين جي ماءُ اسم ڪاشف جو تشدد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ منشيات خلاف ريلي، نعريبازي

منشيات فروشن خلاف به سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي : ايس ايڇ او

پنهنجي ٻارن جوان بابت خيال رکن ته جيئن سندن اولاد نشي جهڙي لعنت کان پاسو ڪري

نوشهروفيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي / منظور ملڪ) نوشهرو ايس ايس پي نوشهروفيروز صدام حسين خاصخيلي جي حڪم تي نوشهروفيروز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: پوليس اهلڪار منشيات خلاف ريلي ڪڍي رهيا آهن

حيدرآباد جي قاسم آباد جي رهواسي جوڙي پاران احتجاج

اسان کي پنهنجي برادري مان زال جي عزيزن قتل جون ڌمڪيون ڏنيون آهن : جوڙو

اسان کي ڪنهن به وقت هٿياربند قتل ڪري اسان جا لاش گم ڪري سگهن ٿا

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد جي قاسم آباد جي رهواسي زال مڙس مسمات شائسته ۽ سنڌس گهر واري رياض چانڊيو قتل جي مليل ڌمڪين تي اعليٰ اختيارين کان حياتين جي تحفظ فراهم ڪرڻ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ڦل پرسان ڳوٺ نور محمد ڪوسو جي رهواسي پاران احتجاج

پٽ امير بخش ڪيهر، وزير شريف ۽ رزاق ولد منهنجي پوٽن جا جاني دشمن ٿي ويا آهن : پير بخش ڪوسو

اعليٰ اختيارين کان نوٽيس ورتو وڃي ۽ منهنجي پوٽن رياض علي ۽ علي نواز کي بچايو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽر اسد علي عمراڻي) ڦل شهر جي پرسان ڳوٺ نور محمد ڪوسو جي رهواسي ضعيف العمر پير بخش ڪوسو پنهنجي زخمي پوٽن رياض علي ۽ علي نواز ولد محرم علي ڪوسو سان گڏ نيشنل پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو محمد خان ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس

تعمير لاءِ (سيپ) سسٽين ايبل اچيومينٽ پروگرام مان فنڊنگ ٿي رهي آهي : ڊي سي

سنڌ جي نوجوان ۽ باصلاحيت شاگرد ۽ شاگردياڻين کي تعليم پرائڻ لاءِ موقعا ملندا

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ڊپٽي ڪمشنر / ڊسٽرڪٽ ڪائونسل پاران، پيرا ميڊيڪل نرسنگ اسڪول ٽنڊو محمد خان لاءِ خريد ڪيل 4 ڪروڙ جو فرنيچر ۽ پيرا ميڊيڪل جي تعليم لاءِ ضروري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان: ڊي سي ڊرمون پاواتي ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

شهدادپور ۾ گريجوئيشن ۽ پاسنگ آئوٽ تقريب

ڪوٺايل تقريب ۾ ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي شرڪت

پوليسنگ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي مناسب تربيت ڏني وئي آهي : ايس ايس پي

سانگهڙ(رپورٽر:منثار علي رند) پي ٽي سي شهدادپور ۾ 177 هين لوئر اسڪول ڪورس بيچ جي گريجوئيشن ۽ پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي مهمان خصوصي شرڪت سانگهڙ: تفصيل موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ايس ايڇ او خدا آباد پورهيت کي مبينا ڪنيي گم ڪري ڇڏيو

اسان جي پورهيت کي ايس ايڇ او عباس ڀير سرعام گرفتار ڪيو آهي : مظاهرين

خدشو آهي ته ڪيس جاني نقصان رسايو ويندو، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

دادو(ن سنڌيار) ايس ايڇ او خدا آباد عباس ڀير پورهيت مولا بخش چنا کي مبينا ڪنيي گم ڪري ڇڏيو وارثن پاران ڳوٺ ٽيب چنا يوسي ڪمال خان ۾ احتجاج مظاهرو ڪندي ڏاڍيو ته اسان جي پورهيت کي ايس ايڇ او عباس ڀير سرعام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو غلام حيدر 14 سالا نينگر تي قاتلاڻو حملو، مارڪٽ تشدد، اسپتال داخل

صحافي قاضي شمس جي 14 سالا فرزند قاضي زين تي حملي آورن قاتلاڻو حملو ڪري زخمي ڪيو

حملي آور جوابدارن سخت تشدد جو نشانو بڻائي رتورت بڻائي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال آندو ويو

محمد انصار، شعيب ڪيريو، ساحل اياز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو غلام حيدر جي مويا ويجهو ڳوٺ قاضي احمد ۾ سينئر صحافي قاضي شمس جي 14 سالا فرزند قاضي زين تي قاتلاڻو حملو، مارڪٽ تشدد ، اسپتال داخل. پريس ڪلب طرفان آئي جي سنڌ کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو . خبر موجب ٽنڊو غلام حيدر جي مويا شهر ويجهو ڳوٺ قاضي احمد ۾ سينئر صحافي قاضي شمس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ ٻچل ملاح جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ پرسان بااثر وڏيري جي ڳوٺ خالي ڪرائڻ لاءِ گهرن تي پوليس جي چڙهائي خلاف احتجاج ڪيو ويو

پوليس جي وڏي اتالي سان چڙهائي ڪري اسان جي گهرن ۾ مردن ، عورتن معصوم ٻارن تي تشدد جو نشانو بڻايو : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڊي ايس پي بلڙي شاهه ڪريم محمد خان زئور کي معطل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ ٻچل ملاح جي رهواسي ڳوٺاڻن جو بااثر وڏيري جي چرچ تي ڪيل چڙهائي عورتن مردن معصوم ٻارن کي تشدد جو نشانو بنائڻ . گهرن کي مبينه باهه ڏيڻ جي خلاف احتجاجي ڌرڻو. خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ ٻچل ملاح جي رهواسي ڳوٺاڻن پنهنجي ڳوٺ پرسان بااثر وڏيري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان: ڳوٺ ٻچل ملاح واسي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر : سنڌ ۾ سولر سسٽم ۽ بيٽرين جي استعمال ۾ اضافو

سکر(بيورو رپورٽ) بجلي جي لوڊ شيڊنگ سبب سنڌ ۾ سولر سسٽم ۽ بيٽرين جي استعمال ۾ اضافو ٿيڻ بعد منافعي خور ٻه نمبري ڪري عوام کي ڦرڻ ۽ اعلا ڪواليٽي جي بيٽرين واري ڪمپنين جو نالو استعمال ڪري ڪين جي ساک خراب ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا آهن عرفان سنڌي صوفي ۽ ٻين جون دانهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺڪراڻي ۾ آبادگارن جو باردانو نه ملڻ تي فوڊ انچارج خلاف احتجاجي مظاهرو

آبادگارن الهڊايو عرف بابو ملڪ، فقير رحمت الله مگريو پيراڻو، مهر عبدالڪريم، مهتم سڪيلڊو لغاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

آبادگارن کي باردانو ڏيڻ بدران پئسن عيوض شهر جي واپارين ۽ وڏيرن کي وڪرو ڪري رهيو آهي : مظاهرين جون دانهون

ڪارروائي ڪري شهر جي واپارين جي دڪانن تي ڇاپا هڻي باردانو هٿ ڪري آبادگارن ۾ ورهايو وڃي

ٺڪراڻو (ن سنڌيار) ٺڪراڻي ۾ آبادگارن جو باردانو نه ملڻ تي فوڊ انچارج خلاف مين چوڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو نعريبازي فوڊ انچارج اسان آبادگارن کي باردانو ڏيڻ بدران وڏيرن ۽ واپارين کي وڪرو ڪري رهيو آهي ايم اين اي ۽ ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺڪراڻو: باردانو نه ملڻ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

وائلڊ لائيف کاتي سکر ۽ خيرپور جي گڏيل ڪارروائي، عملدارن پاران ڪارروائي دوران 9 ڪونج پکي هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) وائلڊ لائيف کاتي سکر ۽ خيرپور جي گڏيل ڪارروائي، 9 ڪونج پکي هٿ، هڪ جوابدار گرفتار، تفصيل موجب وائلڊ لائيف کاتي سکر ۽ خيرپور جي گڏيل ٽيم ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هنيو ۽ لنو ٻائي پاس وٽ چيڪنگ دوران ڪوهاٽ ويندڙ ڪوچ تي ڇاپو هڻي 9 اعليٰ نسل جا ڪونج پکي هٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز ۾ پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه سان اڳواڻن جي ملاقات

شاگردن جي سهولت لاءِ پوائنٽ بسن جي سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ پڻ ڪوششون ورتيون وينديون : ڊاڪٽر اظهر علي

ڳوٺ جي نوجوانن کي علمي ماحول پيدا ڪرڻ جي حوالي سان پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي، نوجوانن پاران خوشي جو اظهار

نوشهروفيروز(رپورٽر اسد علي عمراڻي) سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس نوشهروفيروز پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه طرفان نوشهروفيروز کان پنج ڪلوميٽر ٻاهر ڳوٺ ڪاهي ممن ۾ سماجي تنظيم صادق فائونڊيشن نوشهرو فيروز جي جنرل سيڪريٽري منير احمد ميمڻ، پريس ترجمان اعجاز ممناڻي ۽ سنڌس ٽيم سان يونيورسٽي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين جي واپارين عام واهپي جي شين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا

300 روپيا ڪلو چانور 350 رڌ پچاءَ ۾ استعمال ٿيندڙ عام ڪلو تي في ڪلو پنجاهه روپيا وڪرو

واپارين اڍائي سو روپيا ڪلو پتا تا 60 روپين مان وڌائي سو روپيا ڪلو سميت سمورين سبزين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا

مزدور جي گهر جو چلهو ٻرڻ بند ٿي ويو پر وچولي طبقي جي ماڻهن جي پڻ چيلهه چٻي ڪري ڇڏي

بدين(رپورٽر مرتضي ميمڻ) پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪانپوءِ بدين جي واپارين عام واهپي جي شين ۽ سبزي فروشن فروٽ فروشن جون قيمتون وڌائي ڇڏيون فارمي ڪڪڙ جي گوشت ۽ ٻڪري ۽ وڏي گوشت في ڪلو قيمت ۾ پڻ واڌارو ٿي ويو تفصيل موجب حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي في ليٽر قيمت ۾ اضافي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ڪانپوءِ بدين جي پيٽرول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪي اين شاهه ۾ شاخن جي کاتي نه ٽيڻ خلاف مظاهرو

8 سال گذري چڪا آهن رائيس ڪئنال ۽ نارا ڊسٽري ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن جي کاتي نه ٿي سگهي آهي : مظاهرين

رائيس ڪئنال مڪمل لٽجي شاخ جو ڏيک ڏئي رهيو آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سارين جي فصل جي پوکائي جو ٽائيم ٿي ويو آهي

هنگامي بنيادن تي رائيس ڪئنال، نارا ڊسٽري ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن جي کاتي ڪرائي آبادگارن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر:برڪت علي چانڊيو) رائيس ڪئنال ،نارا ڊسٽري ۽ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن جي کاتي لاءِ آبادگارن جو سڪندر پمپ باءِ پاس کان ويگن اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي تفصيل موجب رائيس ڪئنال، نارا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪي اين شاهه: شاخن جي کاتي نه ٽيڻ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

ميهڙ ۾ آئيس سميت مختلف نشي جو سرعام وڪري خلاف احتجاج

ميهڙ(رپورٽر) ميهڙ ۾ آئيس سميت مختلف نشي جو سرعام وڪري خلاف نوجوان ايڪشن ڪاميٽي پاران بابو ڪوسو ، ڪاشف ڪوڪر ، لياقت شاهه . شيرخان ڪوسو، منل ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گهنٽاگهر چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ شامل نوجوان ميهڙ ۾ نشي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر: آفيس ۾ آفيسر جي نه ويهڻ سبب سمورو عملو مفلوج بڻيل

عوام ڊوميسائل، پي آر سي سميت مليڪتن جي ڏيتي ليتي ۽ مسئلن جي حل لاءِ به پريشان

اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي مس لابيڪا اڪرم گنڊريل هڪ مهيني کان روهڙي ۾ مقرر ٿي آهي :اڳواڻ

آفيس ۾ مقرر روينيو جو پيو عملو به مفلوج بڻجي ويو آهي جنهن ڪري ايندڙ سائلن جو ڪو به ڪم نٿو ٿئي

سکر(بيورو رپورٽ) آفيس ۾ آفيسر جي نه ويهڻ سبب سمورو عملو مفلوج بڻيل، روهڙي تعلقي جو عوام ڊوميسائل، پي آر سي سميت مليڪتن جي ڏيتي ليتي ۽ مسئلن جي حل لاءِ به پريشان آهن تفصيل موجب روهڙي جي زميندارن اصغر علي شنباڻي سودو خان شير محمد ۽ ٻين سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي مس لابيڪا اڪرم گنڊريل هڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊو غلام حيدر 14 سالا نينگر تي قاتلاڻو حملو، مارڪٽ تشدد، اسپتال داخل

صحافي قاضي شمس جي 14 سالا فرزند قاضي زين تي حملي آورن قاتلاڻو حملو ڪري زخمي ڪيو

حملي آور جوابدارن سخت تشدد جو نشانو بڻائي رتورت بڻائي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال آندو ويو

محمد انصار، شعيب ڪيريو، ساحل اياز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ قاضي احمد ٻانيڻ ۾ سينئر صحافي آواز ٽي وي ٽنڊو محمد خان جي رپورٽر قاضي شمس ٻانيڻ جي پٽن تي منشيات فروش هٿياربندن جو حملو 15 سالا شاهه زين ٻانيڻ سخت زخمي اسپتال منتقل احتجاجي مظاهرو نعريبازي صحافي پنهنجي زخمي پٽ کي پوليس ٿاڻي تي پهچايو جتان ليٽر وٺي اسپتال منتقل ڪيو آهي سينئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو غلام حيدر: ڳوٺ قاضي احمد ٻانيڻ واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

اوباوڙو پرسان جهنگل ملڪ ۾ پتافي ۽ چاچڙ برادرين ۾ لنگهه جي روڪ تان جهيڙو

اوباوڙو (رپورٽر) اوباوڙو پرسان جهنگل ملڪ ۾ پتافي ۽ چاچڙ برادرين ۾ لنگهه جي روڪ تان جهيڙو چار ماڻهو زخمي سين سي داخل. تفصيلات موجب: اوباوڙو لڳ ريتي ٿاڻي جي حد جهنگل ملڪ جي بازار ۾ پتافي برادري ۽ چاچڙ برادري جي ماڻهن جو هڪ ٻئي مٿان لٺين جو وسڪارو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ اعجاز چاچڙ، مشتاق چاچڙ ./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 19 اپريل 2024ع

'ڪارنهن' جي الزام ۾ قتل جا وڌندڙ واقعا

سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورتن (توڙي ڳڀرو نوجوانن) کي قتل ڪرڻ وارو ڪڌو عمل پڄاڻيءَ تي پهچي نہ سگهيو آهي. شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جنهن ڏينهن اهڙي ڪا المناڪ خبر نہ ايندي هجي. اهڙيون ئي دل کي ڏوڏيندڙ ڪجهہ خبرون ڪالهوڪي "پنهنجي اخبار" ۾ پڻ رپورٽ ٿيون آهن. سنڌ محبت ۽ امن، سک ۽ سلامتي، سانت ۽ سڪون جو ديس رهيو آهي. قديم تاريخ ۾ سنڌ جي سڃاڻپ اعليٰ قدرن ۽ روشن روايتن واري ديس واري رهي آهي. سهپ ۽ رواداري، احساس ۽ انسان دوستي جي حوالي سان هن ساٿيهہ جي الڳ شناخت رهندي آئي آهي پر هاڻي هي ديس ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ ڀوتارن، ڌنڌوڙي سردارن ۽ ڏوهن کي معيشت بڻائيندڙ ماڻهن جي ڪري مقتل گاهن ۾ بدلجندو وڃي. سڄو سماج بيحسي جي رڻ ۾ بدلجي ويو آهي ۽ هن بي رحمي ۽ انساني دشمنيءَ خلاف اٿندڙ آواز بہ ماٺا ٿي ويا آهن. انساني حقن توڙي عورتن جي حقن جي حوالي سان ڀتوڙڻ جا دعويدار ادارا بہ خاموشي جي چادر اوڍي سمهي پيا آهن. بي رحمي واري هڪ رت جي راند آهي، جنهن جو انت ٿيندي نظر نہ پيو اچي.

سنڌ ۾ "غيرت" جي نالي ۾ قتل جاري آهي ۽ بيحسي اها آهي تہ اسان وٽ اج بہ ان کي 'رسم' سمجهيو ٿو وڃي: 'ڪارو ڪاريءَ جي رسم'. جڏهن هڪ انسان جي قتل کي رسم سمجهيو ويندو تہ ان مان اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان وٽ انساني حقن جو تصور ڪهڙو هوندو! هن مردار، ڏپ _ هاڻي ڀوتارڪي بالادست سرشتي ۾ عورت وڌيڪ ظلم جو شڪار ٿئي ٿي. هتي رياست بہ عورتن جي حقن ۽ حياتين جي تحفظ واري ذميواري پوري ڪري نہ سگهي آهي. عورتن جي تحفظ لاءِ نہ انهن کي قانون جي اوٽ ۽ اجهو ميسر ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ئي وري عورتن جي تحفظ جي حوالي سان قانونن تي عمل ڪيو پيو وڃي. سنڌ ۾ اج بہ عورت خوف ۽ ڏهڪاءَ جي ماحول ۾ هر ساهہ گهٽي گذاري ٿي، هر وقت غيريقينيءَ وارين حالتن ۾ زنده رهي ٿي تہ ڪٿي ڪا ڪهاڙي يا ڪا بندوق ان جي تعاقب ۾ تہ ڪانهي!

اسان جا حڪمران پاڻ کي دنيا ۾ روشن خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ عورتن جي حقن ۽ تحفظ جي حوالي سان قانون سازي تہ ڪرائين ٿا پر انهن قانونن تي عمل نٿو ٿئي. ايتري قدر جو اڪثر ڪيسن ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ٿيندڙ عورتن جي ايف آءِ آر بہ رياست جي مدعيت ۾ نٿي ڪاٽي وڃي. ان ئي گهر جو ڪٽنب جو ڪو فرد ايف آءِ آر ڪٽرائي ٿو ۽ پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي شاهديون ختم ٿي وڃن ٿيون، بيان بدلايا وڃن ٿا ۽ خون لڙهي ٿو وڃي. ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ اج بہ سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ قتل يا ڪارو ڪاري جو الزام هڪ منافعي بخش ڪاروبار بڻيل آهي. ڪو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ بيگناهہ نياڻيءَ کي قتل ڪري ۽ ڳوٺ يا پاڙي جي ڪنهن نوجوان کي، پنهنجي برادري يا ٻي برادريءَ جي ڪنهن شخص کي 'ڪارو' قرار ڏئي فيصلي لاءِ چڪي ۽ چوي تہ هي اسان جو 'ڪارو' آهي، يا ڏنڊ ڏئي يا مرڻ لاءِ تيار ٿئي! ان سڄي سرشتي کي هلائيندڙ ڀوتارڪو آڪٽوپس، جنهن سڄي سماج کي جڪڙي مفلوج بڻائي ڇڏيو آهي، اهو جرڳن لاءِ تيار ويٺو هوندو آهي. انهن جرڳن ۾ سرڄي قيمت ۽ عصمت جو اگهہ لڳايو ويندو آهي. نياڻيون سڱ چٽيءَ ۾ ڏنيون وينديون آهن ۽ انهن ڀوتارن تڪڙي انصاف جي نالي ۾ نام نهاد انصاف جو هڪ متوازي سرشتو جوڙي ورتو آهي، جنهن ۾ اهي جڃن جا اختيار استعمال ڪندي پاڻ ئي سزا ٻڌائين ٿا ۽ ان تي جبري طور عمل ڪرايو وڃي ٿو. جيستائين اهو جرڳن جو سلسلو بند نہ ٿيندو، تيستائين سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ ٿيندڙ قتل بہ بند نہ ٿيندا.

سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزامن ۾ قتل جي وڌندڙ واقعن تي اسان ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون تہ رياستي قانون تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي. ڪارنهن جي الزام هيٺ ٿيندڙ قتل جي ايف آءِ آر رياست جي مدعيت ۾ ڪاٽي وڃي. عورتن جي پناهہ گاهہ طور هر ضلعي ۾ شيلٽر هائوس قائم ڪيا وڃن. سنڌ ۾ جرڳن تي عدالتي پابندي واري حڪم تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي.

امام شاهہ ولي الله جي معاشي نظرين مان فائدو وٺڻ جي ضرورت

پروفيسر رحيم بخش سومرو

براعظم هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪيترائي عالم، مجدّ، اديب ۽ ڏاها ماڻهون پيدا ٿيا آهن ۽ انهن ماڻهن تعليم، ادب ۽ قومي ترقيءَ ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. انهن ۾ حضرت امام شاهہ ولي الله دهلوي هڪ تمام وڏو علمي ۽ سماجي سائنسدان (Social Scientist) آهي. اهل علم وٽ شاهہ ولي الله صاحب پنهنجي وقت ۽ هينئر تائين جو مجدد طور مشهور آهي.

شاهہ صاحب 1703 ع ۾ دهليءَ ۾ پيدا ٿيو هي اهو وقت هو جڏهن هندستان جو هڪ انتهائي طاقتور ۽ معزز بادشاهہ اورنگزيب عالمگير 1707 ع ۾ وفات ڪري ويو. گڏيل قومن پاران شايع ٿيل هڪ تحقيقي رپورٽ هزار سالا عالمي معيشت جو جائزو (The World Economy: A Millennial Perspective) اينگس ميڊيسن جي صدارت هيٺ ۾ اهو انڪشاف ڪيو ويو تہ سورهين ۽ سترهين صدين دوران دنيا جي سڀ کان وڏي معيشت هندستان جي هئي جيڪا دنيا جي مجموعي گهريلو پيداوار (Gross Domestic Product)جو 25٪ کان 27٪ پيدا ڪري رهي هئي. ان ڪري هندستان ان وقت دنيا جو امير ترين ملڪ هو انهيءَ خوشحاليءَ جي ڪري هندستان دنيا ۾ سون جي جهرڪي (Golden Sparrow)جي نالي سان گهڻو مشهور هو هندستان تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ اهو جي ڊي پي جي اڳ ذڪر ڪيل سطح کان گهٽ ٿي ڪري وڃي صرف 2 سيڪڙو تائين پهتو نتيجي طور هندستان ۾ بک، بدحالي ۽ ڪيترائي خطرناڪ ڏڪر پئجي ويا. شاهہ صاحب بہ انهيءَ خاص سنگم تي جنم ورتو جڏهن هندستان جي خوشحال وارو دور ختم ٿي رهيو هو ۽ بدحالي وارو جو دور شروع ٿي چڪو هو. اسان شاهہ صاحب جي تعليمات کي ايتري اهميت ڇو ڏيون ٿا ان جا ڪارڻ اهي آهن تہ شاهہ صاحب انهن پنهنجي دورن (عروج ۽ زوال) کي ڏٺو ۽ مقامي عالم هجڻ ڪري انهن جا سماجي ۽ معاشي نظريا هندستانين ۽ پاڪستانين جي سوچ ۽ اميدن مطابق آهن.

جيتوڻيڪ شاهہ صاحب ڪيترائي معلوماتي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن پر انهن مان هڪ سندس مشهور ڪتاب حجة الله البالغة هوجتي معاشيات سميت مٿي ذڪر ڪيل عنوانن تي ڪيترائي باب موجود آهن. اقتصاديات جي هن باب ۾ قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ قائم ٿيل معاشي اصول شامل آهن. غالبن شاهہ صاحب هي ڪتاب 1735 ع کان 1740 ع جي وچ ۾ لکيو جڏهن تہ ايڊم سمٿ (سرمائيدارانا معيشت جو ابو) پنهنجو مشهور ڪتاب قومن جي دولت جي نوعيت ۽ سببن تي تحقيق (An Inquiry into the Nature and Causes of the Wealth of Nations)تقريبن 1776 ع ۾ ڪري لکيو ان سان گڏو گڏ ڪارل مارڪس بہ پنهنجو مشهور ڪتاب داس ڪيپيٽل (Das Kapital)تقريبن هڪ صدي کان پوءِ لکيو هو. واضح رهي تہ شاهہ صاحب پنهنجو اهو مشهور ڪتاب اڳ ذڪر ڪيل ڪتابن کان ڪافي عرصو پهريان لکيو هو تنهن ڪري شاهہ صاحب انهن اڳ ذڪر ڪيل ڪتابن کان متاثر ٿيڻ سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي.

شاهہ ولي الله پنهنجي مشهور ڪتاب حجة الله البالغة ۾ معاشيات جي تعريف هن ريت ڪئي آهي تہ معاشيات هڪ اهڙو علم آهي جنهن ۾ انساني فطرت جا بنيادي اخلاق، دورجا تجرباتي علوم، اجتماعي مفادن جي تقاضن کي سامهون رکندي انساني ضرورتن جي تعين ۽ انهن جي پوراءِ لاءِ معاشي وسيلن جي حصول تي بحث ڪيو ويو هجي. شاهہ صاحب جي مشهور نظريي مطابق ماڻهن جي اخلاقيات جو دارومدار انهن ماڻهن جي معيشت تي آهي. جيڪڏهن اهي معاشي طور تي خوشحال هوندا تہ انهن جا مجموعي اخلاق بہ بهتر هوندا. سماج کي معاشي طور تي بهتر بڻائڻ لاءِ جيڪي ضروري اصول آهن انهن ۾ سڀ کان اول اصول هي آهن تہ الله تعاليٰ سڄي زمين جو مالڪ آهي جڏهن تہ ملڪ جي ماڻهن جي حيثيت مسافر خاني ۾ رهندڙ مهمانن وانگر آهن.

شاهہ صاحب زمين کي اهم ترين معاشي ذريعو قرار ڏي ٿو هي زمين ملڪ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن لاءِ معاشي وسائل رکي ٿي. هي زمين لامحدود معدني وسيلا رکي ٿي جيڪي ڪنهن خاص ماڻهن جي طبقتي جي قبضي کي ناجائز قرار ڏئي ٿو خاص طور تي جاگيرداراڻا نظام کي. هن نظام موجب لامحدود زمينون چند جاگيردارن جي قبضي هيٺ اچي وڃن ٿيون جنهن سان ملڪ ۾ معاشي ۽ سماجي فرق پيدا ٿين ٿا. هن هاڃيڪار سرشتي جي ڪري ٿورا ماڻهو آسائشن جي زندگي گذاري رهيا آهن جڏهن تہ اڪثريتي عوام انتهائي غربت ۽ محرومين جو شڪار آهن ۽ ان خراب معاشي حالتن جي ڪري سندن اخلاق خراب ٿي وڃن ٿا. اصل ۾ زمين انسانن جي گڏيل ملڪيت آهي، هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ضرورت تحت زمين جو ٽڪرو رکڻ ۽ پنهنجي زمين مان پورو فائدو وٺڻ جو برابر حق آهي.

ٻيو اهم معاشي اصول اهو آهي تہ دولت جي پيداوار (Production of Wealth)جو اصل سبب محنت (جسماني ۽ ذهني) آهي. جڏهن ڪو ماڻهو ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا نٿو ڪري تہ ان جو ملڪ جي دولت ۾ ڪو بہ حصو نہ آهي. اڳتي هلي شاهہ صاحب جو اهو بہ خيال آهي تہ طبقاتي نظام اسلام جي روح جي خلاف آهي خاص ڪري معاشي طبقات. انهن معاشي طبقن جو نتيجو اهو آهي تہ پاڪستان ڏکڻ ايشيا جو غريب ترين ملڪ آهي ۽ انساني ترقي واري انڊيڪس ۾ 180 ملڪن مان 150 نمبر تي آهي. انهن بدترين انگن ۽ اکرن جو وڏو سبب ملڪ جي معاشي وسيلن تي چند ماڻهن يا خاندانن جو قبضو آهي.

شاهہ صاحب ماڻهن جي بنيادي ضرورتن جهڙوڪ کاڌو، ڪپڙو، رهائش، تعليم، روزگار جا موقعا، اظهار جي آزادي ۽ جان، عزت ۽ مال جو تحفظ جي نشاندهي ڪئي. اڳتي هلي شاهہ صاحب فرمايو تہ سمورا ملڪي معاشي وسيلا بهترين طريقي سان استعمال ڪري انهن مٿين بنيادي ضرورتن جي فراهمي سڀني ماڻهن کي بنا ڪنهن فرق جي رنگ، نسل، مذهب ۽ ڪنهن ٻئي جي فراهم ڪئي وڃي. جيڪڏهن اهي معاشي وسيلا چند خاندانن جي قبضي ۾ رهندا تہ ماڻهن جون اهي بنيادي ضرورتون پوريون نہ ٿي سگهنديون. شاهہ صاحب هڪ اهم نقطي تي بہ ڌيان ڏنو تہ لامحدود دولت هجڻ جي ڪري هڪ عياش طبقو پيدا ٿي ويو آهي جيڪو پنهنجي عياشين کي پورو ڪرڻ لاءِ عام ماڻهن جي محنت تي ناجائز محصولات لڳائي ٿو

ان مقصد لاءِ ملڪ جي عوام تي غيرقانوني طور تي ڪيترائي قسم جا محصولات لڳايا ويا آهن جيئن يوٽيلٽي بلن تي لڳ ڀڳ 14 قسم جا محصولات نافذ ٿيل آهن. پنهنجون آسائشون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جا ماڻهو جهڙوڪ شاعر، آفيسرشاهي، جج، مذهبي عالم، اديب ۽ ٻيا ماڻهو قوم جي خزاني تي مختلف حيلا ۽ بهانا ڪري وڏو بار بڻجي وڃن ٿا. اڄڪلهہ هر ڪو چڱيءَ طرح ڄاڻي چڪو آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل ماڻهو ڪيئن ۽ ڪهڙي طريقي سان ملڪي خزاني کي لٽي رهيا آهن ۽ هر روز اسان کي انهن جون شاندار گاڏيون، بنگلا، پگهارون ۽ ٻيون سهولتون نظر اچي رهيون آهن. انهن جي آسائشن ۽ مالي بدعنوانين جي ڪري قوم جي خزاني ۾ ايتري رقم موجود ناهي جو عام ماڻهن جي ضرورتن تي خرچ ڪري سگهي.

اهڙي معاشي نظام جي ڪري ملڪ ۾ غربت 40 سيڪڙو تائين وڌي وئي آهي. ملڪ جي خراب معاشي حالت سبب 8 لک کان وڌيڪ ماڻهو 2022 ۾ پاڪستان ڇڏي ٻين ملڪن ۾ خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ ويا آهن. ان کان علاوه 56 لک کان وڌيڪ ماڻهو بيروزگار آهن ۽ ٻہ ڪروڙ ٻار اڃا تائين اسڪولن کان ٻاهر آهن. آخر ۾ شاهہ صاحب جو چوڻ آهي تہ اهڙو معاشي نظام (جهڙو پاڪستان ۾ نافذ آهي) جيڪو پنهنجي عوام جون بنيادي ضرورتون بہ پوريون نہ ٿو ڪري سگهي، ان کي مڪمل طور تي تبديل ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ شاهہ صاحب "فڪ ڪل نظام" جو نعرو يعني نظام جي تبديلي ڏئي ٿو مطلب تہ ان معاشي نظام جو خاتمو ڪرڻو پوندو جيڪو ملڪ ۾ معاشي ۽ سماجي انصاف آڻڻ ڪونہ ٿو ڏئي. شاهہ صاحب هڪ اهڙو سماج آڻڻ چاهي ٿو جنهن ۾ معاشي اعتدال پسندي متوسط رفاهيت معاشري لاءِ بہ اهم جز آهن. سادي لفظن ۾ مقصد اهو آهي تہ وچولي طبقي کي پيدا ڪيو وڃي ۽ ڪيس وڌايو وڃي چاڪاڻ تہ اهو طبقو آهي جيڪو ملڪ جي سماجي، سياسي ۽ معاشي ترقي ۾ بنيادي حصو وٺندو آهي. شاهہ صاحب ظالم سماج کي ٽوڙڻ لاءِ ٽي اصول تجويز ڪيا آهن ۽ اهي آهن نظريو، ان نظريي مطابق جماعت ۽ حڪمت عملي. هڪ انسان دوست جماعت ناهي وڃي جيڪا پڻ انسان دوست نظريي تي ٻڌل هجي ۽ اها پارٽي مختلف شعبن (معيشت دان، ڊاڪٽر، تعليمي ماهر، سياستدان ۽ ٻيا) جا ماهر بہ پيدا ڪري تہ جيئن اها حڪومت کي موثر طريقي سان هلائي سگهي. سماجي تبديلي جو آخري جزو حڪمت عملي آهي. اڄڪلهہ عدم تعاون تمام طاقتور آهي ۽ سماج جي تبديليءَ لاءِ ڪامياب حڪمت عملي طور موجود آهي.

پاڀوهي هيڪار، مون کان پڇيو سڄڻين:
اَلسـتُ بِرَبِّڪم، ڇيائون جنهن وار:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نہ لهي.

اَپرن جو ڪوبہ ناهي !

امر رائيسنگھ راجپوت

نندي ڪند جي وڏي ليک آرونڌتي راءِ اج جيڪڏهن مون کي ڪٿي ملي وڃي تہ ان کي هٿ ٻڌي چوان تہ اي پورب جي ڀيڻ! تو تہ الله ڪئين 'هيٺن جو پڳهون' تخليق ڪيو هو. پر سچ پڇين تہ هيٺن جو پڳهون آهي ئي ڪونہ. هيٺا ۽ لاچار اج بہ ڏاڍن هٿان تذليل جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. هيٺا اج بہ پيٽ پالڻ لاءِ پکين وانگي ٻاپڙا ڪن ٿا. توڪل جي ٿرهي تي ترندڙ هيٺن ماڻهن جي هٿن ۾ سواءِ لڪيرن جي ڪجهہ بہ ناهي. اَپرن وٽ ڪوبہ ذخيرو ناهي. اَپرا اج بہ ڏاڍن جي رحم و ڪرم تي جيئن ٿا. هيٺن جون دانهون اج بہ ارض و سما جي وچ پولارن ۾ بنان ڪنهن داد رسيءَ جي دفن ٿيو وڃن ٿيون. اَپرا اج بہ بکن ۽ ڏکن ۾ ڏينهن گهاري راتيون روئيندي گذارين ٿا. اَپرا آٽي جي لَپ لاءِ قطارن ۾ بيهي انڪم سپورٽ جي آفيسن اڳيان دربدر ٿين ٿا. اَپرن جو نہ ڪو عزيز آهي، نہ مِٽ مائٽ. اَپرن جو رت ايترو تہ هلڪو آهي جو سندن سڳا سيڻ بہ ڪڙا وڻ چٽي هليا وڃن ٿا. اَپرن جي رڻ ٿيل اکين ۾ رڳو سپنا بچن ٿا، جن کي ساڀيان الله ڪڏهن ملندي؟

اَپرن جو ڪو هجي ها تہ جڏهن معصوم نياڻين سان انسان جي روپ ۾ لڪل وحشي جانور بدسلوڪي ڪن ٿا، جڏهن معصوم نياڻيون ڪن پاپين جي پليت چنبن ۾ ڦٿڪن ٿيون، تڏهن هن ڪائنات ۾ ڪو خلل ضرور پوي ها. انهن معصوم نياڻين جا نيساڪا نہ آسمان لوڏي سگهن ٿا، نہ ڌرتي ڏوڏي سگهن ٿا. ڦهرين جي هٿن ۾ ڪوڪون ڪندڙ اهڙين انيڪ اپلائن جي بيوسيءَ تي نہ سنڌي وڏي سمنڊ ۾ ڪو سونامي اٿي ٿو. نہ ڪو ٻرندڙ جبل ڌرتيءَ جو سينو چيري ٻاهر نڪري ٿو بس رڳو معصوم نياڻين جا لڱ درد جي اڳ ۾ دوڏن وانگي ڏکن ٿا ۽ دنيا ساڳي رفتار سان هلندي رهي ٿي.

هيٺن جو ڪو هجي ها تہ ڏينهن ڏونئري جو ڌرتي ڏاٽين دراوڙن کي ٻنان ڏوهہ جي پنهنجن اجهن مان ڪولوفر لوڏي نہ ڪڍي ها، انهن جي ڪوڪوڪ ٻڌي ها. اَپرن جو ڪو هجي ها تہ آئي ڏينهن پنهنجن گهرن مان تڙجندڙ انهن معصوم ڌرتي ڏاٽين جي اونگارن تي آسمان لڏي ها، ڌرتي ضرور ڏهي ها، پر ڪجهہ ڪونہ ٿيو چاڪاڻ تہ هيٺن جو ڪير بہ ناهي! نہ انسان نہ پڳهون! ماڻهو تہ جهرڪيءَ جو آکيرو بہ ائين ڊٽي ناهن اجلائيندا، جيئن اَپرن ماڻهن جا گهر ڊاهي پٽ ڪيا پيا وڃن. ڪنهن ڏاڏي جو مال جو واڙو بہ نٿو ڪيڏي سگهجي پر هيٺن جا تہ لوڙها آسانيءَ سان لتاڙيا وڃن ٿا. ڪيڏي نہ اُلٽي گنگا آهي يارا!

اَپرن جو ڪو هجي ها تہ لاڙي لهجي جهڙي مٺڙي ٻوليءَ ۾ پنهنجي جان جو اَمان گهرندڙ سنڌ جون سون ورنيون نياڻيون ڪاريون تي سندن ئي پاڻن جي گولين سان نہ گهائجن ها. انهن معصوم نياڻين جا ماءُ ۽ پيءُ پنهنجن ڌيئرن کي بچائي نہ سگهڻ جو بوجهہ سڄي عمر پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي کڻي پل پل جيئڻ ۽ مرڻ واري ڦهري ڪيفيت ۾ نہ گذارين ها.

اَپرن جو ڪو هجي ها تہ معصوم گيتا جي ماءُ، پراين هٿان مارجي ويل پنهنجي ڌيءَ جي مڙهہ جو منهن ضرور ڏسي ها. هڪڙي اپلا ماءُ سندس ڌيءَ جي لاش کي چنبڙي منهن ڏسڻ لئہ رڙيون ڪندي رهي، پر ان کي منهن بہ نہ ڏيکاريو ويو تہ انصاف ڪٿان ملندو؟ ٻنان ڏوهہ ڏارين هٿان ڏڪارجي مارجي ويل سندس ڌيءَ جي درد ۾ رت جا ڳوڙها روئندڙ ان ماءُ جي ممتا کان پڇو تہ ڌيئرن جو موت ماڻن جو جگر ڪيئن ڳڙي ٿو؟

اَپرن جو ڪو هجي ها تہ لاڪوڙي جي لاڪيٽي ماڻهو ڪلچي تيجائي جو ميهي ڪير جهڙو مِٺو پٽ مينهون وارڻندي تراڻيءَ ۾ ٻڏي ڪونہ مري ها. تراڻيءَ جو پاڻيءَ تہ سڪي ويو آهي، پر ڪلچي جي اکين جو پاڻيءَ اڃا نٿو سڪي. سندس دل جو پنيهور اجڙي چڪو آهي، چاڪاڻ تہ سندس حياتيءَ جو اڪيلو سهارو ايشور کي پيارو ٿي ويو آهي. آهي ڪنهن کي احساس تہ اج ڪلهہ جي مهانگائيءَ جي ماريل ڪلچي تان ڪهڙي قيامت گذري ٿي! ڪهڙي قيامت گذري ٿي ان ماءُ مٿان، جنهن جو پٽ پڙهڻ واري وهيءَ ۾ پاپي پيٽ لاءِ مينهون چاريندي مري ويو!

اَپرن جو ڪو هجي ها تہ عيد جي ڏينهن ڪو احمد پيٽ پرڻ لئہ پراين درن تي ڏلها کڻي پنهنجا ڪلها ڪونہ گسائي ها. هوليءَ جي ڏينهن راملي جو پٽ نئين وڳي جي سِڪ ۾ راتي مان پوري نہ ڪري ها. ڪو ٽريو پنهنجي نياڻيءَ جي نٽ وڪڻي قرض ڪونہ چڪائي ها. ڪو ڀهراڙيءَ جو جهور پوڙهو پنهنجي آخري پنهن وڪڻي بہ بيمار ٽنهن کي بچائي نہ سگهڻ جي ڏک ۾ خودڪشي ڪونہ ڪري ها. هي ڏنوان جي بي داد ڏنيا ڏنوانن کي مبارڪ هجي! اَپرن جي نہ رات آهي نہ ڏينهن آهي. اَپرا سيارن ۾ سيءَ مرن ٿا تہ اونهارن ۾ اس ستائي ٿي. اَپرا لٽن بدران اڱرين ۾ اوگهڙ ڍڪين ٿا. اَپرا اج بہ سرڪاري اسپتالن ۾ نڌڪا ٿي دم ڏٿي حوالي ڪن ٿا. هيٺا اج بہ هن ڌرتيءَ تي ڏاڍن جي پيرن هيٺان لتاڙجي ماڪوڙين وانگي مري رهيا آهن ڪو هٽڻ وارو ئي ناهي!

ڪي پارلياماني عمل تي عوامي اعتماد بحال ڪرڻ جي لاءِ قائدانہ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هو پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس جي صدارت قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڪئي. سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پڻ موجود هو. پنهنجي خطاب ۾ صدر آصف علي زرداري چيو تہ پهرين پارلياماني سال جي شروعات تي سمورن ميمبرن کي چونڊجڻ تي دلي مبارڪباد ڏيان ٿو. وزيراعظم، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي چونڊن ۾ ڪاميابين، ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو. هن چيو تہ اعتماد ڪرڻ، ٻيهر صدر چونڊڻ تي پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن جو دل سان ٿورائتو آهيان. اج پارلياماني سال جي شروعات تي مستقبل جي لاءِ ويزن کي مختصر بيان ڪندس. هن چيو تہ ماضي ۾ بطور صدر منهنجي اهم فيصلن تاريخ لکي، بطور صدر مون پارليامينٽ کي پنهنجا اختيار ڏيڻ جي چونڊ ڪئي، اج اسان جي ملڪ کي دانشمندي ۽ پختگي جي ضرورت آهي. اميد آهي تہ پارليامينٽ ميمبر اختيارن جو دانشمندي سان استعمال ڪندا. صدر آصف علي زرداري چيو تہ سمورن ماڻهن ۽ صوبن سان قانون مرجب هڪ جهڙو سلوڪ ٿيڻ گهرجي. منهنجي راءِ ۾ اج هڪ نئين باب جي شروعات ڪرڻ جو وقت آهي. اج جي ڏينهن کي هڪ نئين شروعات جي طور تي ڏسون. پنهنجي ماڻهن تي سيڙپڪاري ڪرڻ، عوامي ضرورتن تي ڌيان ڏيڻو پوندو. هن چيو تہ اسان کي پنهنجي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي جامع ترقي جي راهہ ڪرلڻي پوندي، اسان وٽ ضايع ڪرڻ جي لاءِ وقت نہ آهي. هن چيو تہ هن ايوان جي ذريعي قوم جي پائيدار ۽ بنا رڪاوٽ ترقي جو بنياد رکڻ گهرجي، تعميري اختلاف، وڌندڙ ويڇهندڙ جمهوريت جي لاياڻي آواز کي نفع – نقصان جي سوچ سان نہ الجهائڻ گهرجي. آءِ پي پي جي رپورٽ موجب صدر آصف علي زرداري چيو تہ سوچڻو پوندو تہ پنهنجي مقصدن، بياڻيي ۽ ايجنڊا ۾ ڪهڙي شيءِ کي ترجيح ڏئي رهيا آهيون. سمجهان ٿو تہ سياسي ماحول کي نئين سر جوڙي سگهجي ٿو اسان حقيقي طور تي ڪوشش ڪريون تہ سياسي گرمي پد ۾ گهٽتائي آڻي سگهون ٿا. صدر آصف علي زرداري چيو تہ اسان سڀني کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ملڪ جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم شيءِ ڪهڙي آهي، مشڪلاتن کي موقعن ۾ بدلائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي. مضبوط قومون مشڪلاتن کي موقعن ۾ بدلائينديون آهن. هن چيو تہ قائداعظم، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جمهوريت، رواداري ۽ سماجي انصاف جا علمبردار هئا. قائدين جي ويزن کي اختيار ڪري ملڪ کي درپيش چئلينجز کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. قائدين جي ويزن موجب گڏيل احترام، سياسي مفاهمت جي فضا کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو. صدر آصف علي زرداري چيو تہ ملڪ کي درپيش چئلينجز تي ضابطو آڻڻ ناممڪن نہ آهي، ملڪي مسئلن جي حل لاءِ بامعنيٰ ڳالهين، پارلياماني اتفاق راءِ گهربل آهي. بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سخت سڌارن تي وقت سر عملدرآمد يقيني بڻائڻو پوندو. هن چيو تہ ملڪ کي 21 هين صديءَ جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي. شهرين جي سماجي حقن، گڊ گورننس جي لاءِ سڌارن کي فروغ ڏيڻو پوندو. سياسي قيادت کي پٺتي پيل علائقن جي خاص ضرورتن کي ترجيح ڏيڻي پوندي، حڪومت نوڪريون پيدا ڪرڻ، مهانگائي گهٽ ڪرڻ، ٽيڪس نيٽ وسيع ڪرڻ جي لاءِ معاشي سڌارا آڻيندي. صدر چيو تہ آئيني فريم ورڪ تحت وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مثبت تعاون ۽ هم آهنگي لازمي آهي، جامع قومي ترقي، پاليسين تي عملدرآمد جي لاءِ صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾ هم آهنگي ضروري آهي. عوامي ڀلائي جي لاءِ وفاقي نظام جي مڪمل صلاحيت کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو. صدر آصف علي زرداري چيو تہ معيشت جي بحالي لاءِ سڀني کي پنهنجو حصو وجهڻو پوندو. غيرملڪي سيڙپڪاري آڻڻ اسان جو بنيادي مقصد هجڻ گهرجي. حڪومت ڪاروباري ماحول سازگار بڻائڻ جي لاءِ جامع سڌارن جي عمل کي تيز ڪري. مقامي، غيرملڪي سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ مشڪل قانون آسان بڻائڻا پوندا. خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل جو قيام خوش آئنده آهي. هن چيو تہ روانگي واپار جامع

بقايا 01

ناهي ٿيو. واضح رهي تہ گذريل ڏينهن گهرو وزارت ايڪس جي بندش خلاف درخواست تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي هئي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ قومي سلامتي ۽ امن امان لاءِ ايڪس تي پابندي ضروري هئي.

بقايا 02

طور تي وڌيڪ نقصان پهچائڻ نہ ڏيندا سين. بجلي ٽرانسميشن جي نظام جي بهتري جي وڏن منصوبن کي مقرر مدي ۾ مڪمل ڪيو وڃي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ بجلي شعبي جي حوالي سان قدمن جي جائزي تي اعليٰ سطح جي اجلاس جو ٻيو دور ٿيو. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن خواجہ محمد آصف، محمد اسحاق ڊار، احد خان چيما، سيد محسن رضا نقوي، عطاءُ الله تارڙ، سردار اويس خان لغاري، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، عبدالعليم خان، بجلي واري اڳوڻي وزير محمد علي، ڊپٽي چيئرمين پلاننگ جهانزيب خان، قومي اسيمبلي ميمبر بلال اظهر ڪياني، انجنيئر قمر السلام، راڻا احسان افضل، سلمان احمد ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم چيو تہ بجلي جي پهچ نظام ۽ ورچ ڪندڙ ڪمپنين جي بهتري لاءِ ترجيحي بنيادن تي پلان جوڙي ايندڙ هفتي پيش ڪيو وڃي. ورچ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري ۽ آئوٽ سورسنگ جي عمل کي تيز ڪيو وڃي. وزيراعظم هدايت ڪئي تہ ورچ ڪندڙ ڪمپنين (ڊسڪوز) جي انتظامي معاملن جي بهتري لاءِ نجي شعبي جي ماهرن جي مدد ورتي وڃي. هن چيو تہ بجلي جي پهچ ۽ ورچ جي نظام جي لاءِ عالمي سطح تي لاڳو ماڊلز مان مدد ورتي وڃي. بجلي شعبي جي سڌارن سان گردشي قرض ۾ گهٽتائي آڻيندا سين. بجلي چورن ۽ ٻين عنصرن کي ملڪي خزاني کي قطعي طور تي وڌيڪ نقصان پهچائڻ نہ ڏيندا سين. اجلاس کي بجلي جي ٽرانسميشن جي نئين منصوبن، اين ٽي ڊي سي جي نئين سر تنظيم سازي ۽ بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ قدم ۽ سفارشون پيش ڪيون ويون. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ ملڪ جي ڏکڻ کان بجلي جي پهچ جي لاءِ متياري رحيم يار خان ٽرانسميشن لائين ۽ غازي بروٿا فيصل آباد لائين تعمير ڪئي ويندي. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو تہ بجلي جي پهچ نظام جي سڌارن ۽ گردشي قرض گهٽ ڪرڻ جي لاءِ اين ٽي ڊي سي جي نئين سر تنظيم سازي جي حڪمت عملي جوڙي وئي آهي. وزيراعظم سمورن سڌارن کي مقرر مدي ۾ مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ سعودي سيڙپڪاري جي حوالي سان اڳڀرائي جو هو پاڻ جائزو وٺندو ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن بہ قسم جي لاپرواهي قبول نہ ڪندو. وزيراعظم آفيس موجب، وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ سعودي وفد جي پاڪستان جي تازي دوري ۽ مختلف شعبن ۾ سعودي سيڙپڪاري جي حوالي سان جائزو وٺڻ لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ مختلف شعبن ۾ سعودي وفد جي سيڙپڪاري ۾ دلچسپي ۽ پاڪستان طرفان رٿائن جي اڄ بابت آگاهہ ڪيو ويو. ان موقعي تي وزيراعظم چيو تہ سعودي وفد جو پرڏيهي وزير جي قيادت ۾ پاڪستان جو دورو، پاڪستان ۾ سعودي سيڙپڪاري ۽ تجارتي تعلقي اسٽريٽجڪ پائيداري جي نئين دور جي شروعات آهي. هن چيو تہ سعودي ولي عهد شهزادو محمد بن سلمان جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جو سندس خاص ڌيان سبب پاڪستان سعودي سيڙپڪاري ۽ تجارتي لاڳاپن جي نئين دور جي شروعات ممڪن بڻي. جڏهن تہ سعودي سيڙپڪاري جي منصوبن جي پاڻ نگراني ڪندس. وزيراعظم وڌيڪ چيو تہ سعودي سيڙپڪاري جي حوالي سان اڳڀرائي جو هو پاڻ جائزو وٺندو ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي لاپرواهي قبول نہ ڪندو.

بقايا 03

ذميواري آهي. مضبوط قومون مشڪلاتن کي موقعن ۾ بدلائينديون آهن. قائداعظم، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جمهوريت، رواداري ۽ سماجي انصاف جا علمبردار هئا. قائدين جي ويزن کي اختيار ڪري ملڪ کي درپيش چئلينجز کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. پولرائيزيشن کان هٽي ڪري موجوده دور جي سياست طرف وڌڻ ملڪي ضرورت آهي. هن ايوان

21 | بقايا

ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ پي ٽي سي شهدادپور مان لوئر ڪورس پاس ڪندڙ 142 ميل ۽ فيميل اهلڪارن جي گريجوئيشن ۽ 177هين پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ خصوصي مهمان طور شرڪت ڪئي

AC/Tender 2023-24/409

ريجنل ڊائريڪٽوريٽ آف فوڊ
ڪراچي ريجن

ڪراچي، تاريخ 17 اپريل 2024

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT's)

مهربند. 2024 جي ايندڙ ڪڻڪ جي فصل 2024 جي لڳ ڀڳ 0.700 ملين MMT ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي فيوميگيشن لاءِ پلانٽ پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ، حڪومت پاڪستان وٽ رجسٽر ٿيل فرم / ڪمپنين کان فيوميگيشن سروسز حاصل ڪرڻ لاءِ ٽينڊرز طلب ڪيا ويا آهن ۽ ڪراچي فوڊ ريجن جي مختلف سرڪاري گودامن ۾ ڪڻڪ جو اڳتي وڌڻ جو ذخيرو پڻ آهي.

ڪمپنيون / ڪمپنيون فيوميگيشن مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ مڪمل خدمت ڪي وڌايو: يعني فيوميگيشن (منظور ٿيل / لاڳاپيل اٿارٽي سان رجسٽر ٿيل) ۽ فيوميگيشن.

شرط ۽ ضابطا:

(i) مشهور ٺاهيندڙ / سپلائرز / ٺيڪيدار يا درآمد ڪندڙ لازمي طور تي ٽيڪس اٿارٽيز (وفاقي ۽ صوبائي) سان رجسٽرڊ ٿيڻ گهرجن ۽ فيوميگيشن سروسز لاءِ سرگرم ٽيڪس ادا ڪندڙ آهن. ٽيلر ۾ حصو وٺڻ جا اهل آهن. درآمد ڪندڙ هائي ڪٽهن بہ انهن جي شرح جي اقتباس ڪندو جنهن جي بنياد تي موڪليندڙ جي آخر تائين. مقامي ڪرنسي ۾ (فيڪ رپيا)

(ii) بيان ڪيل قيمت سيني ٽيڪس ڊيوٽيز تي مشتمل هوندي. بشمول سيلز ٽيڪس موڪليندڙ جي آخر تائين.

(iii) بولي ڏيندڙ کي گهربل آهي تہ اهي پنهنجي پيشڪش جي رقم جو 3 سيڪڙو آمدنيءَ جي رقم ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ڪراچي جي حق ۾ پ آرڊر / بئنڪ ڊرافٽ جي صورت ۾ جمع ڪرائين. بغير پئسن جي ٽينڊر کي نظرانداز ڪيو ويندو

(iv) ٽينڊر جمع ڪرائيندا صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ پلانٽ پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ. حڪومت پاڪستان طرفان جاري ڪيل (فرنيگيشن سروسز جي صورت ۾).

(v) فرم /ڪمپني کي ڪموڊيٽيز 1. يا تہ صوبائي فوڊ ڊپارٽمينٽ يا وفاقي تنظيمن جهڙوڪ PASSCO، TCP وغيره سان لاڳاپيل فوميگيشن تجربو هجڻ گهرجي.

(vi) آڇون مضبوط، غير واضح ۽ غير مشروط هونديون.

(vii) ٽينڊر پيش ڪري سگهجن ٿا ٽينڊر انڪوائري جي شرطن جي مطابق مقرر ٿيل فارم ۾ جيڪي ڪمپني جي / فرم پاران حاصل ڪري سگهجن ٿيون درخواست خط تي NTN ۽ GST/SRB رجسٽريشن نمبر (جتي بہ لاڳو هجي) ادا ڪيل چالان جي خلاف 2000.00 رپيا في سيٽ جي حڪومت ۾. خزانو / اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان فوڊ اڪائونٽ II ۾ (ناقابل واپسي). آفيس جي ڪلاڪن دوران. ٽينڊر کولڻ واري ڏينهن کو بہ ٽينڊر فارم جاري نہ ڪيو ويندو.

(viii) ٻيا شرط ۽ ضابطا جيئن SPPRA، ضابطا 2010. (تاريخ تائين) تحت بيان ڪيا ويا آهن. معاهدي تي سنڀاليا ويندا.

(ix) مقرر ٿيل وقت ۽ تاريخ کان پوءِ ڪابہ آڇ قبول نہ ڪئي ويندي.

(x) ڪامياب ٽينڊر معاهدي جي قيمت جي 0.35% تي معاهدي تي ڇپڻ واري اسٽيمپ لڳائڻ جو ذميوار هوندو.

(xi) ٽيمتن جي منظوري لاءِ سموريون بوليون پروڪيورمينٽ ڪميٽي ذريعي ڪيون وينديون. ڪميٽي PPRA. قاعدن جي لاڳاپيل شقن جي تابع سڀ يا ڪنهن بہ واڪ/ٽينڊر کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

(xii) ٽينڊر فارم جاري ڪرڻ جي پهرين تاريخ 22.04.2024 کان ٿيندي ۽ ٽينڊر فارم خريد ڪرڻ جي آخري تاريخ 06.05.2024 تائين هوندي ۽ جمع ڪرائي ويندي 07.05.2024 تي 2.00 وڳي. بولي ڏيندڙ کي ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويزون جمع ڪرايون وينديون. هر هڪ الڳ الڳ ٻن مختلف سيل ٿيل لفافن ۾. ٽينڊرز (ٽيڪنيڪل پرپوزل) ساڳئي ڏينهن 2.30 وڳي تي کوليا ويندا. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ گورنمينٽ آف سنڌ جي آفيس ۾، سنڌ گورنمينٽ گوڊائون نمبر III، لانڍي ڪراچي، ٽينڊرز يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾. جيڪي حاضر ٿيڻ چاهيندا.

(xiii) مٿين تاريخ تائين NIT جي جواب نہ ڏيڻ جي صورت ۾ کولڻ جي ايندڙ تاريخ 23.05.2024 منجهند 2:30 وڳي ٿيندي ۽ ٽينڊر فارم جاري ڪرڻ جي پهرين تاريخ 08.05.2024 کان ساڳئي وقت ۽ جڳهہ تي ٿيندي.

(xiv) اها آڇ 90 ڏينهن جي مدت لاءِ صحيح هوندي ٽينڊر کولڻ جي تاريخ کان. جيڪا قابل اختيار اٿارٽي يعني پروڪيورنگ اٿارٽي، SPPRA جي لاڳاپيل قاعدن مطابق وڌائي سگهي ٿي.

(xv) ڪامياب بولي ڏيندڙ ٽينڊرز جي سيني شرطن ۽ شرطن ۽ معاهدي جي ذميوار هوندا. جنهن ۾ پارنهن مهينن لاءِ ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي حفاظت ۽ حفاظت جي گارنٽي / وارنٽي شامل آهي. جنهن ۾ ريڊينٽ ڪنٽرول شامل آهي.

(xvi) اسٽيشن/جڳهن کي SPPRA رول_2010 جي شق 16 (e) جي مطابق گهٽائي / وڌائي سگهجي ٿو (تاريخ تائين تبديل ٿيل).

(xvii) ٽينڊر فارم سنڌ حڪومت جي ايس پي آراي جي ويب سائيٽ تان بہ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ
ڪراچي ريجن

پڑهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ

INF/KRY.1070/2024

NATIONAL HIGHWAYS & MOTORWAYS POLICE
Procurement Notice (PN)
No. 07/LOG/RSF/M-2 North/NHMP/2023-24/566

Invitation to Bid Through E-Procurement

1. Sealed Bids are invited from the reputed Firms having active General Sales Tax & Income Tax numbers for the following jobs during the Financial Year 2023-24.

S.No.	Items Description	Remarks
1.	Purchase/ installation of Prefab Cabin Rooms with Alco bond sheeting.	Quantity and detail of Items are mentioned in the Bidding Documents
2.	Purchase of Machinery & Equipments	
3.	Purchase/ installation of Solar System	
4.	Purchase of Miscellaneous Road Items	
5.	Purchase of Furniture items	

2. **Single Stage Two Envelope Bidding Procedure** of Principal Method of Procurement (i.e. Open Competitive Bidding) will be used by adopting **Least Cost Based Selection (LCBS) Technique** for the subject procurement, in line with the Public Procurement Rules, 2004 and any Regulations, Regulatory Guides, Procurement Guidelines or Instructions issued by the Authority (from time to time).
3. Bidding Documents are available on EPADS (E-Pak Acquisition and Disposal System) as well as NHMP's website free of cost.
4. All Proposals must be accompanied by a Bid Security as mentioned in the Bidding Documents (Re-fundable) in shape of Bank Draft / CDR in the name of the Inspector General National Highways & Motorway Police Islamabad. The Bidders shall submit scanned copy of Bid Security on EPADS and Original Bank Draft / CDR will be submitted to the Logistics Branch, NHMP before opening of the Tender.
5. In case opening date(s) is declared as a Public Holiday by the Government, the next working date shall be deemed to be the date for opening of tender(s) at the same time and place.
6. The Bids will be received only **from those firms who are registered with PPRA for e-procurement on EPADS** for Tendering through their Email addresses which were provided to PPRA at the time of their registration.
7. The interested bidders are requested to **submit their Bids/ proposals online through EPADS at https://eprocure.gov.pk before opening date, and Original Bids/ proposals must be submitted at NHMP Central Police Office, Mauve Area, G-11/1, Islamabad on or before 11:00 Hours on 6th May, 2024.** The Bids will be opened publically on the same day at **11:30 Hours** in the presence of Bidder's representatives at NHMP Central Police Office, Mauve Area, G-11/1, Islamabad.

(MUHAMMAD AJMAL KHOSO) PSP
Assistant Inspector General (Logistics)
For Inspector General, NHMP
NHMP Central Police Office, Mauve Area, G-11/1, Islamabad.
Ph: 051-9320278

PID(I)No.6228/23

ڊائريڪٽوريٽ جنرل
ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ

ايڊريس: سيڪنڊ فلور، بلاڪ سي شهباز بلڊنگ حيدرآباد
فون نمبر: 022_9201974
No.DG/AE/Tech/2023_24/63
Dated: 17.04.2024

تصحيح

سنڌ ۾ ميون ۽ ڀاڃين لاءِ سولرائزڊ پلپ پروسيسنگ يونٽس لڳائڻ لاءِ اخبارن ۾ شايع ٿيل "گڊ نيوز فار گروورز" جي حوالي سان ٽائپنگ جي غلطي جي ڪري درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ پڙهي سگهجي ٿي.

اشتهار ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي	هن طرح پڙهيو وڃي
درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي 28.02.2024 (وڌائڻ لائق نہ)	درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي 28.04.2024 (وڌائڻ لائق نہ)

درخواست فارم سان گڏ ٻيون سڀئي گهرجون ساڳيون رهنديون.

ڊائريڪٽوريٽ جنرل
ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ
حيدرآباد

پڑهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ

INF/KRY.1072/2024